# سنڌ ايڪٽ نمبر XIX مجريه 1972

# SINDH ACT NO XIX OF 1972

# جنگلات (سنڌ ترميم) ايڪٽ 1972

# THE FOREST (SINDH AMENDMENT) ACT, 1972

## فهرست (CONTENTS)


تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short Title and commencement

2. 1927 واري ايڪٽ نمبر XVI جي دفعه 67 ۾ تبديلي.

Amendment of Section 67 of Act XVI of 1927

3. 1927 واري ايڪٽ نمبر XVI جي دفعه 68 ۾ تبديلي.

Amendment of Section 68 of Act XVI of 1927

4. 1927 واري ايڪٽ نمبر XVI جي دفعه 71 ۾ تبديلي.

Amendment of Section 71 of Act XVI of 1927

5. 1927 واري ايڪٽ نمبر XVI جي دفعه A_79 ۾ واڌارو.

Addition of Section 79_A to Act XVI of 1927

6. سنڌ آرڊيننس XX مجريه 1972 جي منسوخي.

Repeal of Sindh Ordinance XX of 1972.

# سنڌ ايڪٽ نمبر XIX مجريہ 1972

# SINDH ACT NO XIX OF 1975

# جنگلات (سنڌ ترميم) ايڪٽ 1972

# THE FOREST (SINDH AMENDMENT) ACT, 1972

[28 ڊسمبر 1972]

ايڪٽ جنهن ذريعي فاريسٽ ايڪٽ مجريہ 1927 ڪي اهڙي نموني سان تبديل ڪيو ويندو جو ان ڪي سنڌ صوبي سان لاڳو ڪيو وڃي.

تمهيد (Preamble)

اها تقاضا آهي تہ فاريسٽ ايڪٽ 1927 ۾ تبديلي آڻي ان ڪي سنڌ ۾ لاڳو ڪيو وڃي، جيڪو هيءَ صورت وٺندو.

ان لاءِ هن ريت ايڪٽ جوڙيو وڃي ٿو:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short Title and commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي دي فاريسٽ (سنڌ ترميم) ايڪٽ، 1972 چيو ويندو.
(2) اهو هڪدم لاڳو ٿيندو.

1927 واري ايڪٽ نمبر XVI جي دفعہ 67 ۾ تبديلي.
Amendment of Section 67 of Act XVI of 1927

2. دي فاريسٽ ايڪٽ 1927 کي صوبي سنڌ ۾ لاڳو ڪرڻ لائق بڻائڻ لاءِ ان جي دفعہ نمبر 76 ۾ آيل لفظن "فرسٽ ڪلاس مئجسٽريٽ" کي اسپيشل "ايگزيڪيوٽو مئجسٽريٽ" جي لفظن سان بدلايو ويندو.

1927 واري ايڪٽ نمبر XVI جي دفعہ 68 ۾ تبديلي.

3. تبديليءَ هيٺ ايندڙ ايڪٽ جي دفعہ 68 جي ذيلي دفعہ (3) کي هن ريت بدلايو ويندو.

Amendment of Section 68 of Act XVI of 1927

”(3) هن دفعہ مطابق ڪو فاريسٽ آفيسر ايترو بااختيار نہ هوندو جيستائين هو هڪ رينڪ وارو فاريسٽ آفيسر نہ آهي ۽ رينجر کان گهٽ نہ آهي، ۽ ذيلي دفعہ (1) جي شق (a) مطابق اوترا پئسا قبول نہ ڪيا ويندا، جيڪي ڪنهن بہ صورت ۾ 500 رپيين کان مٿي نہ هوندا.“

1927 واري ايڪٽ نمبر XVI جي دفعہ 71 ۾ تبديلي.
Amendment of Section 71 of Act XVI of 1927

4. تبديليءَ هيٺ ايندڙ ايڪٽ ۾ دفعہ 71 ۾ ڄاڻايل ڍورن ۽ ڏنڊ جي رقم کي هن طرح بدلايو ويندو.

”هر هڪ هاٿيءَ 50 روپيہ
هر هڪ اٺ 40 روپيہ
هر هڪ ڍڳو 25 روپيہ
هر هڪ گهوڙي، خچر، ڏاند، ڳئون وغيره 15 روپيہ
هر هڪ گڏهہ، رڍ، گهٽو ٻڪري جو قسم 10 روپيہ“

1927 واري ايڪٽ نمبر XVI جي دفعہ 79_A ۾ واڌارو.
Addition of Section 79_A to Act XVI of 1927

5. تبديليءَ هيٺ ايندڙ ايڪٽ جي دفعہ 79 کانپوءِ هي دفعہ شامل ڪيو ويندو.

”79_A جيڪڏهن ڪو بہ فاريسٽ آفيسر هن ايڪٽ مطابق اختيار رکي[1] ٿو تہ قدم کڻي پنهنجي اختيارن کي استعمال ڪرڻ جي لاءِ پوليس جي مدد وٺي تہ هو پوليس اسٽيشن جي انچارج کي لکت ۾ درخواست ڏيندو جنهن جي آڌار تي هن جي مدد ڪئي ويندي.“

سنڌ آرڊيننس XX مجريہ 1972 جي منسوخي.
Repeal of Sindh Ordinance XX of

6. هن سان گڏ دي فاريسٽ (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1972 منسوخ ڪيو ويو.

**نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي،**

1

| | |
|---|---|
| جنهن کي ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي. | 1972 |